# مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟

جي ايم سيد

# مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟

جي ايم سيد

قيمت : ڏيڍ رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

. Printed by Din Muhammad Mistri Chhatan Lakho at the Alwahid Electric
Printing Press, Bellasis Street, Karachi.
and
Published by G.M. Sayed, 26, Hyder Manzil, Muslim Colony, Karachi.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي آڻڻ، ۽ پاڪستان اندر صحيح جمهوري سرشتہ حڪومت جي قائم ڪرڻ خاطر، هڪ صالح ۽ صحت مند مخالف جماعت جو هئڻ ضروري آهي.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ رجعت پسند حڪمران گروه طرفان اسانجي سخت مخالفت ڪئي ويندي، ۽ اسانکي گهڻين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو. ليڪن لکها مصيبت زده عوام جي محبت، سنڌين جي غيرت ۽ حميت جي تقاضا، سياست کي ملڪ ۽ انجي عوام جي ڀلائي ۽ اخلاقي بلند خياليءَ جي درجي تي آڻڻ جي ضرورت، اسانجون رهبر راه آهن. مستقبل ۾ وڏا مقابلا درپيش آهن. اسان شڪستن پٺيان شڪستون کائڻ ۽ ناڪام ٿيڻ کان ڪونہ ڊڄنداسون ۽ نہ مايوس ٿي وهنداسون. اسانکي يقين آهي تہ آخرين ڪاميابي اسانجي آهي. خلق جي آواز ۾ خدا جي از غيبي مدد لڪل آهي. اسانجو عوام هيڪر بيدار ٿي ويو، تہ پوءِ هن کي ڪابہ طاقت پنهنجي منزل تي پهچڻ کان روڪي نہ سگهندي. حق جي آخر فتح ٿيڻي آهي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيا سپ مسلم ملڪ، حالتن ڪان مجبور ٿي، ٻولي ۽ جاگرافي ۽
جي لحاظ تي، قوم جو نظريو اڄ قبول ڪري چڪا آهن. قوم
۽ قوميت جو هي نظريو اسلامي تعليم جي برخلاف نه آهي.
جيتوڻيڪ اسلام هڪ عالمگير مذهب آهي ۽ ساري انسان ذات
ان مان فائدو وٺي سگهي ٿي، پر قومن جي وجود ڪان اسلام
ڪنهن به صورت ۾ انڪار نٿو ڪري. قوم، مفاد عام. واسطي،
ساڳئي ملڪ، زبان ۽ تهذيب جي هڪجهڙائي ۽ جي بنياد تي،
انسانن جي هم آهنگي ۽ ۽ اجتماع جو فطري نتيجو آهي. اسلام
انسانن جي وچ ۾ قومي بنيادن تي صرف دشمني ۽ ۽ مخالفت جي
منع ڪري ٿو.

اسلام دين فطرت آهي: هو فطرت جي هڪ
اهڙي حقيقي ڪرشمي ڪان انڪار ڪرڻ جي اجازت
نٿو ڏئي، جنهن مطابق بني نوع انسان ۾ مختلف
جنسن، مختلف شڪلين، مختلف رنگن ۽ مختلف
قد و قامت جا انسان، انفرادي طرح ۽ اجتماعي
طرح، مختلف زبانن مختلف تهذيب ۽ تمدن، مختلف
ملڪن ۽ مختلف تاريخي پس منظر جي بنيادن
تي ٺهيل قومون. پنهنجي پنهنجي امتيازي هستي
۽ مستقل وجود الڳ الڳ بحال رکي، ڪائنات کي
خوبصورت بنائين.

--:o:--

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن اوهان غور ڪري ڏسندا، ته اوهان کي معلوم ٿيندو ته ليگي ليڊرن جو، مسلمانن جي اتحاد قائم ڪرڻ جو نعرو لڳائڻ فقط عوام جو توجهه سندن حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ هڪ قسم جو دلبو آهي؛ اسلام ۽ پاڪستان جي خطري جو بوتو هڪ قسم جو ڍونگ آهي. چاڪاڻ ته هنن اسلام ۽ پاڪستان جي محافظن جو پنهنجو اٿڻ، وهڻ ۽ کائڻ پيئڻ بلڪ ساري زندگي خود اسلامي روايات ۽ سادگيءَ جي عين مخالف آهي ۽ پاڪستان سان دشمنيءَ جي برابر آهي. ظاهر آهي ته پاڪستان جي مضبوطي ۹۰ سيڪڙو ماڻهن جي حالت سڌارڻ سان ٿي سگهندي ۽ نه انهن کي موجوده بکئي، ڏکئي ۽ اگهاڙيءَ پر حالت رکڻ سان!

وڃڻ هيڏن، وطني ڀائرن، ڀر ڀر ڀڪا اڏي وڃيلن، اوهان سان جنم گذارڻ وارن کي نه وسارجو، ۽ ٻين جي محلاتن، عمدن طعامن، خوبصورت ڪپڙن وغيره تي ڀلجي، سون تي سيڻ نه مٽائجو، لوڻي نه لاهجو، ڪر نه لڄائجو، ملير نه وسارجو، ڪوٽن ۾ خوش ٿي مزا نه مائجو— سدائين ڪوٽن جي ڪرڻ، زنجيرن جي ٽٽڻ ۽ بندن جي ڀڄڻ جي تمنا رکندا اچجو! آخر ڪڏهين نه ڪڏهين، مولا مهر جا مينهن وسائيندو ۽ ڏولائي جا ڏينهڙا گذري ويندا، سائيه وسندو ۽ سڪار ٿيندو!

---

## (۳) سياسي حيثيت سان گڏ مذهبي حيثيت

اسانجي نظر ۾، مسلم ليگ کي صرف سياسي ڳالهين سان تعلق رکڻ جي عيوض، انکي مذهبي رنگ سان رنگڻ مان فائدي بدران نقصان پهچڻ جا انديشا آهن. دنيا جي تجربي مان ثابت ٿي چڪو آهي ته سياست کي مذهب سان گڏڻ ڪري انسان ذات کي اڪثر اڪيچار نقصان پهتا آهن.

انجو مطلب اهو نه سمجهڻ گهرجي ته اسان ملڪ جي سياست مان مذهب ۽ اخلاق جي اثر ۽ ضابطي جي ضرورت کان انڪار ٿا ڪريون، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهين ملڪي معاملات کي اخلاق جي اثر ۽ ضابطي کان آزاد ڪيو ويندو، ته خود مطلب ۽ حريص ماڻهو ۽ طبقاتي مفاد، انسان جي خيال کي بالائي طاق رکي، انهن ملڪي معاملات کي پنهنجي ذاتي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب آڻيندا، ۽ عوام الناس هميشه محڪوم ۽ مظلوم رهندو ايندو. تنهنڪري، سياست کي اخلاقي اصولن کان دور ڪرڻ ٺيڪ نه ٿيندو، ۽ حقيقت ۾ سياست تي مذهب جي اثر ۽ ضابطي جو مطلب به اهوئي آهي. اهڙي اعلىٰ مقصد کي پهچڻ لاءِ قوم جي هر فرد ۾ خيال ۽ عمل جي يڪسانيت هئڻ ضروري آهي. جيڪڏهين قومي اڳواڻ وزارتن ۽ اسيمبلين ۾، منصف فيصلن ڪرڻ ۾، پوليس عملدار بچاءَ ڪرڻ ۾ صحيح طريقي تي نه هلندا، ۽ منجهن رشوت، بدڪاري، شراب خوري، عياشي، خود مطلبي، ريا وغيره پريو پيو هوندو، ته ملڪ جو ڪاروبار خراب، نظام بگڙيل ۽ حالتون فساد واريون، ۽ مسڪيني، جهل ۽ بد اخلاقي جيئن هوءَ تيئن زياده پکڙندا رهندا. تنهن ڪري، ملڪي معاملات جي هلائڻ لاءِ اصولن، پاليسيءَ ۽ پروگرام جي صحيح ۽ ٺيڪ هجڻ سان گڏ، انهن جي سر برآوريءَ لاءِ امانتدار، با اخلاق ۽ خلق خدا جي محبت ۽ خدمت جي جذبي رکڻ وارن ڪارڪنن ۽ عملدارن جي ضرورت پوي ٿي. سياست تي مذهب جي اثر ۽ ضابطي جو مطلب صحيح طرح صرف اهوئي وٺڻ گهرجي — ليڪن، تاريخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبديلي نہ آندي ويئي، تہ ملڪ ۽ قوم لاءِ تباهہ ڪن نتيجن نڪرڻ جو امڪان آهي.

مٿي ذڪر ڪيل مضمون ۾، مون حتي الامڪان اهو ڳالهہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ مسلم ليگ، هر نگاهہ کان، ملڪ ۽ قوم لاءِ فائديمند ٿي ڪين سگهندي، ۽ انهيءَ جو بنياد جن مکيہ اصولن تي رکيل آهي سي موجوده دنيا جي حالتن مطابق بيڪار ۽ فرسوده ٿي چڪا آهن، ۽ انهيءَ لحاظ سان هاڻ هن جماعت کي زياده وقت زنده رکڻ سان نہ رڳو ڪو بہ فائدو حاصل نہ ٿيندو، بلڪ ملڪ ۽ انجي رهاڪن کي انمان سخت نقصان رسڻ جو قوي امڪان آهي.

—:0:—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکن، غربت ۽ جهالت جي مرضن جي علاج جي اميد رکڻ ”پيرن کان پير گهرڻ“ جي برابر آهي.

مسلم ليگي ماحول کي سڌارڻ ۽ درست ڪرڻ جا دروازا ئي بند ٿي ويا آهن، اها بيڪار ۽ فرسوده عمارت درستيءَ ۽ مرمت کان مٿي چڙهي ويل آهي: انجو واحد علاج اهو آهي ته انکي ڊاهي، انجي جڳهه تي موسم ۽ ضرورت موافق هڪ نئين بهتر عوامي جماعت جي تعمير ڪجي.

——:o:——

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿر ۾ درياني واهن جي ايراضيءَ کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪوبہ خاطر خواه انتظام ڪنهن پروگرام مطابق نہ ڪيو ويو. مشنري رستي آباديءَ ڪرائڻ لاءِ ماڻهن کي حرص ڏيارڻ واسطي تجويزون گهڙيون ٿيون ٿيون وڃن پر نہ ڪا عمدي ورڪشاپ تيار ڪئي ويئي ۽ نہ انهن تجويزن کي سر انجام ڪرڻ لاءِ ايماندار ۽ قابل عملي پيدا ڪرڻ جو ڪو انتظام ڪيو ويو آهي. هر هڪ کاتي ۾ آفيسرن مٿان آفيسر رکي، پگهارون وڌائي، بنگلن، فرنيچرن وغيره تي خرچ ڪري پيسو ڪٽايو پيو وڃي. چنانچه پارٽيون ۽ وڏيون ڏيڻ ڏنيون ۽ وٺڻ اڄ ڪالهہ جو دستور ٿي ويو آهي. ماڻهن کان روز بروز نون چندن جي نالن ۾ لکها روپيا جمع ڪري انهن کي کٽايو وڃي ٿو. ”پاڻ نہ پاري ڪتا ڪتاداري“ جو مثال ليگي وزيرن تي بالڪل پورو ٺهڪي اچي ٿو.

اهو سڀ انهيءَ جماعت جي ڪارڪنن طرفان ڪيو وڃي ٿو، جي پاڻ کي مسلمانن جي حقن جا رکپال ۽ پاڪستان جا پاسبان سڏائين ٿا. سنڌ جي مشهور شاعر سچل فقير عليہ رحمت اهڙن حالتن لاءِ بجا طور فرمايو آهي تہ

ماٺ ڪريان تان مشرڪ ٿيان ڪچان تان ڪافر
اهڙيءَ وائي ور ڪو سمجهي سچيڏنو چوي!

پنهنجي فطري تقاضائن ۽ گهرجن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪو آواز اٿارين يا ڪا تنظيم پيدا ڪن، تنهن کي روڪڻ لاءِ هو خوف پيدا ڪري، خطري جو گهنڊ وڄائي، ملڪ ۽ قوم جي وهمي مفاد جي نالي ۾ مذهب ۽ حب الوطنيءَ جي بهانن تي، ماڻهن کي اتحاد ۽ اتفاق لاءِ، اپيل ڪن ٿا، جنهنڪري سياست ۾ هوش بدران جوش ڪتب اچي ٿو، دماغ سالم نٿا رهن، ماڻهو هنگامي نعرن ۾ لڙهيو پنهنجي حقيقي مسئلن کي وساريو ڇڏين.

دنيا ڄاڻي ٿي ته هن وقت جي ليگ ليڊرشپ انهن اصولن پٽاندر هلي رهي آهي ۽ ليگ کي فقط انهن مقصدن جي حصول لاءِ هٿيو ڪري ڪتب آندو پيو وڃي.

## (٣) رجعت پسند طبيعتن جو رجحان به انهيءَ پاليسيءَ طرف آهي.

جيئن ته اڪثر ماڻهو غريب ۽ شاهوڪار طبقن ۾ ورهايل آهن، سندن طبعي ساخت به انهيءَ پٽاندر ٿئي ٿي. غريب گهڻو ڪري ڪمزور، مظلوم ۽ سادا آهن، ته شاهوڪار طاقتور، ظالم ۽ چالاڪ ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح سان سوسائٽي ٻن قسمن جي طبيعتي لاڙن ۾ ورهائجي وڃي ٿي: هڪڙا رجعت پسند ٿين ٿا، جي سوسائٽيءَ جي موجوده نند وڏائيءَ، غربت ۽ شاهوڪاريءَ ۾ استعمال غرضيءَ جي نظام کي بدلائي ۽ عوام جي حالات ۾ بنيادي تبديلي آڻي سماج کي مساوات اخوت ۽ عدل جي بنيادن تي بيهارڻ واريءَ هر ترقي پسند تجويز جا مخالف رهن ٿا، ٻيا ترقي پسند خيال جا ماڻهو آهن جي سوسائٽيءَ مان غربت، ظلم ۽ استعمال غرضيءَ کي ڪڍي، عوام کي هڪجهڙن حقن ۽ موقعن ڏيڻ جي خيال جا ٿين ٿا. اهڙي سوسائٽي ٻن طبقن ۽ انجي مددگار ٻن نظرين جي ماڻهن ۾ ورهائجي وڃي ٿي، هر هڪ گروه پنهنجي نظريي مطابق ملڪي سياست ۾ معاملات کي رنگ ڏئي ٿو: هڪڙا انفرادي آزاديءَ، سياسي طور دستوري پارلمينٽي جمهوري طرز حڪومت، ۽ مذهب جي آڙ وٺي دنيا کي درست ڪرڻ جي هام هڻن ٿا، ته ٻيا اقتصادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ رجعت پسند گروھ اختيار ڪري ٿو ۽ مسلم ليگي ليڊر ٻہ انھنجي نقش قدم تي ھلن ٿا.

جيڪڏھن ليگي ليڊر اھان تائين ٻہ ليگ جي تعريف ڪري رھيا آھن تہ اھا ڳالھہ سمجھہ ۾ اچڻ ڪا ڏکي نہ آھي، ڇاڪاڻ تہ ھو ھن وقت جنھن پوزيشن ۾ آھن، سو ليگ ۽ انجي پاليسين جي طفيل آھي: ان حالت ۾ ھو ڪيئن پنھنجي رزق تي لت ڏيئي پنھنجي طاقت ۽ اقتدار کي نقصان پھچائڻ پسند ڪندا!

———:o:———

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري مارِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ٿئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ پيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٽي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَڙَهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙَهن نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)